ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

ماخذ تحقیقی مجلہ

OPEN ACCESS

ڊاڪٽر ذوالفقارعلي جلباڻي
ايسوسئيٽ پروفيسر گورنمينٽ (بوائز)، ڊگري ڪاليج محرابپور،
ضلعو نوشهرو فيروز، سنڌ ـ

# شاگردن جا مسئلا، اديب، مهورتون ۽ پاراٽين راندين جو مختصر جائزو

**Dr. Zulfiqar Ali Jalbani ***
Associate Professor, Govt (Boys) Degree College Mehrabpur,
District Naushero Feroze, Sindh.
***Corresponding Author:**

## A Brief Review of Student Problems, Writers, Talentsand Children's Games

Children's literature plays a vital role in the development of every language. A language cannot progress without the creation of children's literature, which provides knowledge and fosters mental and intellectual growth. This literature offers opportunities for children to enjoy and learn. Without children's literature, a language cannot preserve its history, culture, and social values. The study of world literature reveals that children's literature promotes scientific thinking and elevates a language to a higher status. Sindhi writers have always focused on children's literature, creating opportunities for children to write and read. Children are the future builders, and their development contributes to creating a new and liberated generation. Children's literature has played a significant role in the cultural and moral progress of nations. Three key figures play a crucial role in a child's development: mother, teacher, and writer. The mother provides the first learning, the teacher imparts worldly knowledge and moral education, and the writer creates literature that shapes the child's thoughts and ideas.

**Key Words:** *Knowledge, Education, Ideas, Culture, Critical, Thinking, Ethics.*

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42



*تحقيق جو مقصد: موجوده دور جي سنڌي ادب ۾ ٻاراڻي ادب جي* تمام گهٽي اهميت محسوس ٿي رهي آهي. *چاڪاڻ جو موجوده دور کان اڳ سنڌ جي اديبن ٻاراڻي ادب تي تمام گهٽو ڌيان ڏريو جو هن وقت انهيءَ جي ڪمي محسوس ٿي رهي آهي*. ٻاراڻي ادب تي ابتدائي طور جن عالمن جو ڪم نظر اچي ٿو تن ۾ ديوان ننديرام ميرچنداڻي سيوهاڻي، سيد ميران محمد شاه (اول)، ديوان اڌارام پرپداس، ديوان ڪوڙومل چندن مل، مرزا صادق علي بيگ، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڪشنچند '**بيوس**' ڪاڪو پيرومل مهرچند آڏواڻي، محمد صديق '**مسافر**'، حافظ احسن چنا، محمد بخش '**واصف**'، شيخ عبدالحليم '**جوش**' ۽ ٻين عالمن ۽ استادن ٻاراڻي ادب جي عمارت جي پيڙه جو مضبوطرکڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪئي جنهن کي وڌيڪ سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ پروفيسر علينواز جتوئي، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ٻين سنڌ جي ذهين ۽ سنن تخليقڪارن جي تخليقن مان چونڊ ڪري ڪن اسمن کي ٻاراڻي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو. اُن وقت جي رائج تعليمي نظام مطابق سنڌي زبان ۽ ادب تي تمام گهٽو زور ڏنو ويندو هو. انهيءَ سان گڏ دينيات، جاگرافي ۽ انگي حسابن بابت معلومات ٻارن ڏانهن منتقل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي.

جن علم ادب سان دلچسپي رکندڙ سڄڻن ابتدائي ڪم ڪيو سو تن اها ٻہ ڪوشش ڪئي تہ هو ٻين ٻولين جي چونڊ ڪتابن جا ترجما ڪري ڪتابي ۽ نصابي صورت ۾ آڻي عام پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ ڪانپوءِ هڪڙو تسلسل جڙي پيو ۽ ڪيترن ليکڪن انهن تان استفادو حاصل ڪري پنهنجون خودڪار تخليقون پيش ڪرڻ لڳا. ٻاراڻي ادب ۽ نصاب جي جديد سنڌي نظم ۽ نثر جي عمارت جي پيڙھ جي پٿر رکڻ ۽ عمارت کي وڌ ۾ وڌ وسيع ڪرڻ ۾ اهم ڪم ٿيو آهي. راقم جو مذڪوره عنوان تي مقالي لکڻ جو بنيادي مقصد هيءُ آهي تہ، ٻارن جي نصاب، ادب ۽ راند روند، استادن ۽ شاگردن جا مسئلا جن کي بحث هيٺ آندو ويو آهي، تہ جيئن پڙهندڙ پنهنجي قيمتي سرمايي کان واقفيت حاصل ڪري موجوده دور جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ بابت غور ويچار ڪري سگهن. وقت مطابق شيون

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

ايجاد ٿينديون رهنديون آهن ۽ انهيءَ وقت جي پنهنجي ضرورت هُئي ۽ انهيءَ کي پنهنجو سمجهندي استادن ۽ شاگردن پاڻ مجرايو. انهيءَ زماني جو انسان ٿڌي ڪوسي برداشت ڪرڻ جي سگهه رکندو هو توڙي جو استادن ۽ شاگردن کي موجوده دور واريون سهولتُون مُيسر ڪونه هُيون. استادن ۽ شاگردن کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا ڪشالا ۽ جتن ڪرڻا پوندا هئا، ڏورانهان ڳوٺ ۽ شهر لتاڙي پيادل پنڌ ۽ اٺن تي سفر ڪري تعليم کي جاري رکيو. هن وقت گهڻين سهولتُن جي باوجود نوجوانن ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ وارو جذبو نہ رهيو آهي. ڪاپي ڪلچر هڻي اسان جي ستياناس ڪري ڇڏي آهي. مون کي هڪ سنڌي ٻوليءَ جي استاد جي حيثيت سان نوجوانن مان اميد آهي تہ، هُو هڪ ڏينهن انهيءَ موذي مرض کي پاڻ ختم ڪرڻ لاءِگُهر ڪندا تہ، هاڻي دنيا بدلجي چڪي آهي، مستقبل جي معمارن کي ڪاپي ڪلچر جهڙو زهر نہ پياريووجي. ٻارن جي اندر مان هڪ تخليقڪار ٻاهر آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ تنقيدي شعور اجاگر ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪجي. سنڌي ادب ۾ اهڙين ڪوشش ڪندڙن ۾اڪبر جسڪاڻي، استاد بخاري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار علي سيال ڊاڪٽر ادل سومرو، غلام محمد غازي، مختيار ملڪ، وحيد محسن، سرمد عباسي ۽ ٻين جون ڪاوشون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جن ٻارن لاءِ سنا، نظم، بيت، گيت، حمد، نعتون ۽ ڪهاڻيون/ آکاڻيون لکي ٻاراڻي ادب جي اعليٰ ۽ عمدي نموني خدمت ڪئي آهي ۽ ڪري رهيا آهن. تعليمي ادارن ۾ مسئلا موجود آهن جيڪي تعليمي ماحول ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿا. صاف پاڻي، بجلي، واش روم، ٻارن جي ويهڻ لاءِ فرنيچر، استادن لاءِ ڪرسيون، پڙهائيءَ جو سامان مطلب تہ هرڪا سهولت جيڪا هڪ ٻار ۽ استاد کي هئڻ گهرجي اُن کي عملي جامو پهرائڻ جي ضرورت آهي، اهڙي عمل سان سرڪاري تعليمي ادارا پنهنجو سهڻو ڏِک ڏيڻ لڳندا تہ، انهن ۾ اميرءِ غريب مطلب هرهڪ طبقي جي ماڻهن جي دلچسپي وڌندي. پاڪستان جي سموري قوم آزاد ۽ خود مختيار جمهوري رياست جا اهم رڪن آهن ڇاڪاڻ جو حڪومت جي چونڊ بہ سڀ هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي ڪندا آهيون ۽ هرهڪ جي ووٽ کي برابر جي حيثيت حاصل آهي، جيتري ڪنهن وڏي تاجر کان ويندي ٻهاريدار ۽ بادشاهہ جي، پوءِ ايڏو فرق ڇو؟ امير جو ٻار وڏن وڏن ادارن کان ويندي غير ملڪي تعليمي ادارن

ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

مان تعليم حاصل ڪري ٿو. ۽ صحت جون سهولتون بہ حاصل ڪري ٿو ۽ هتي خاص طور ذڪر ڪندس تہ ۾ روزانو صحت ۽ کاڌ خوراڪ جي قلت سبب سوين ٻار ۽ انهن جا والدين بک ۽ بيماريءَ کان تنگ ٿي خوڪشيون ڪري مري رهيا آهن. اسان جي تعليم ئي اسان جي ترقيءَ جي ضمانت ڏئي سگهي ٿي. تعليم انسان کي انسانيت جو درد سيکاري ٿي ۽ انسان کي ٻئي انسان سان همدردي جو احساس ڏياري ٿي. تعليم پوري انسانيت کي تحفظ فراهم ڪري ٿي، جڳهڙي جنون کان بچائي ٿي ۽ روزگار حاصل ڪرڻ جا ذريعا ٻڌائي ٿي. تعليم حاصل ڪرڻ سان زراعت، صنعتن، جنگي فن، ملڪي ۽ غير مُلڪي روايتن بابت شعور اچي ٿو. سياسي، مذهبي ۽ سماجي حالتن بابت سوچڻ ويچارڻ وارو ادارڪ حاصل ٿئي ٿو. يونان جيڪو اڄ سيني علمن ۽ فنن جو سرواڻ ليکيو وڃي ٿو، جتي هرهڪ هنر ۽ فن جي عمارت جو بنياد پيو آهي، انهيءَ جا مثال ۽ دليل سموري دنيا ڪٽي رهي آهي، انهيءَ جو سبب هي آهي تہ، يوناني قوم محنت سان هر علم ۽ فن جا ماهر پيدا ڪيا آهن. قديم زماني جي ابتدا ۾: "يونان جي شهري رياست اٿينس (Athens) ۾ پرائمري تعليم لاءِ ڇهن کان چوڏهن سالن جا ڇوڪرا درسگاهن ۾ داخل ٿيندا هئا نہ رڳو پڙهندا هئا پر بين سماجي سرگرمين جهڙوڪ راندين ڊوڙڻ، ٺونشي بازيءَ جي تربيت بہ حاصل ڪندا هئا. اهي شاگرد جن جي مالي حالت سٺي نہ هوندي هُئي، اهي مڪتب وارو مدو پورو ڪري تيرنهن يا چوڏهن سالن جي ڄمار ۾ وڃي ڏنڌي ڌاڙيءَ سان لڳندا هئا. جڏهن تہ شاهوڪار خاندانن جا شاگرد تعليم جو سلسلو جاري رکندا هئا ۽ مهان فيلسوفن ۽ ناميارن استادن وٽ وڃي تعليم پرائيندا هئا. ٣٩٠ ق. م تائين اتي ڪي اعليٰ تعليم جا ادارا موجود ڪونہ هئا ۽ نہ ڪو خاص نصاب. سقراط ماڻهن کي تحرڪ ۾ آندو ۽ همٿايو تہ هُو بحث مباحثا ڪن ۽ خاص عنوانن بابت اهڙو نصاب تيار ڪن جيڪو مستقبل ۾ انسان جي زندگي ۽ اخلاقيات کي سُڌاري، اهڙي صورتحال هڪ مرحليوار اوسر کي جنم ڏنو ۽ اعليٰ تعليم لاءِ درسگاهن جو آغاز ٿيو. ٣٧٨ ق. م ۾ افلاطون **"اڪيڊمي"** نالي درسگاهہ قائم ڪئي جيڪا مغربي دنيا جي سڀ کان پهرين اعليٰ تعليمي درسگاهہ هُئي." (جوڻيجو، ٢٠٢١: ١۴) ڪنهن بہ معاشري لاءِ انهيءَ ڳالهہ جو هئڻ لازمي آهي تہ، جنهن ڌرتيءَ جي

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

ڪُڪ مان انسان جنم وني ٿو، انهيءَ ڌرتيءَ جو وڏو حق آهي تہ، ڏتڙيل طبقي جي خدمت ڪرڻ ۽ پاڻ جهڙن انسانن لاءِ سوچڻ تہ، ٻيا ماڻهو ڪيئن جِي رهيا آهن، سندن ضرورتن جي پوراءُ لاءِ ڪهڙا طريقا استعمال ڪن ٿا، جنهن مان سندن گهر ٻار سڪيا آهن يا ڏکيا آهن. زندگي گذارڻ جا اسباب ڪهڙا آهن، جيڪڏهن ڪو ڏکيو آهي تہ، انهيءَ ڏڪئي هجڻ جا اسباب ڪهڙا آهن. غلام قومن جو نہ گهر هوندو آهي ۽، نہ انهن جي عزت هوندي آهي، پر جيڪي آزاد ۽ خودمختيار قومون هونديون آهن، تن جا برابر ۽ هڪجهڙا حق هوندا آهن. پاڪستاني قوم آهيون سڀني جا هڪجهڙا حق آهن. جيڪڏهن پنهنجي حقن جي ڄاڻ نہ آهي، تہ پوءِ انهيءَ مان سمجهي سگهجي ٿو تہ، درست تعليم نہ ٿي ڏني وڃي جنهن ڪري ملڪي آئين جي برابري وارن حقن جي معاملن کان بي خبر آهيون. جنهن قوم جي فرد کي اهو احساس نہ آهي، تہ جنهن اسپتال ۾ آئون پنهنجي صحت جي سلامتيءَ لاءِ وڃي رهيو آهيان، اُها اسان جي سرڪار، اسان جي سهولت واسطي ٺاهي آهي تہ، جيئن اسان کنهن لاحق بيماري ۾ تڪليفون ڪاٽي مري نہ وڃون. سرڪار اتي اسان لاءِ ماهر ڊاڪٽر ۽ ٻيو عملو اسان جي خدمت لاءِ ڀرتي ڪيو آهي ۽ انهن کي هر مهيني اسان جي خدمت جي پگهار ملي ٿي. هر مريض جي خدمت ڪرڻ، انهن جي فرض ۾ شامل آهي. جيڪي سرڪار جا اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون قائم ڪيل آهن تن ۾ مالهي، چوڪيدار، گارڊ، ڪلارڪ، آفيسر ۽ استاد هن قوم جي خدمت لاءِ مقرر ڪيل آهن. اسان کي سمجهڻو پوندو يا ڪو ٻيو سمجهائيندو، ها اهو اسان کي تعليم وارو شعور ئي سمجهائيندو. اسان کي تعليم ئي سمجهائيندي تہ، پاڪستان جي آئين مطابق هرهڪ جا دائرا ٺهيل آهن، هرڪنهن کي پنهنجي پنهنجي ڊيوٽي ۽ فرض ادا ڪرڻو آهي. پاڪستان ۾ ماڻهن جي حفاظت لاءِ پوليس، شهرن ۾ انصاف لاءِ عدالتون، صحت لاءِ اسپتالون، پڙهڻ لاءِ درسگاهون وغيره وغيره قومي خدمت ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل آهن. مذڪوره ادارن مان هرڪو هڪجهڙو استفادو حاصل ڪري سگهي ٿو. اسان جو موضوع تعليمي شعور آهي. تعليم ڪير ٿو حاصل ڪري طالبعلم، انهن کي ڪيترائي درپيش مسئلا آهن جيڪي هت هيٺ ڏجن ٿا:

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

**شاگردن جا مسئلا**

هن ملڪ ۾ ڪيترائي مسئلا آهن جيڪي ڏينهن بہ ڏينهن تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. مزدور، هاري، ننڍي دڪاندار، ريڙهي هلائيندڙ، گڏهن گاڏي واري ۽ موچيءَ جو ٻار تعليم جهڙي اهم زيور کان محروم آهي. انهن جي طرف ڪنهن جو بہ ڌيان نہ ٿو وڃي اُهي ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن. اُن طرف سرنديءَ وارن جو ڌيان ئي نہ ٿو وڃي تہ انهن ٻارن جا والدين پنهنجي اٽي، لٽي، گهر کي هلائڻ جو بندبست ڪن يا ٻارن کي تعليم ڏيارين. مجبوري وڏي خراب شيءِ آهي، نہ تہ، ڪنهن کي ٻچا نہ ٿا وڻن ۽ ڪير بہ ڪونہ چاهيندو تہ، منهنجا ٻچا تعليم حاصل ڪري سٺو روزگار حاصل نہ ڪن. مجبوري آهي جو والدين پنهنجي معصوم ٻچڙن کي پاڻ سان گڏ ٻني ٻاري، گاهه پني ۽ مزدوريءَ جو ڪم وٺن ٿا. سرڪاري اسڪولن جي ايراضي بہ تمام گهٽي آهي ۽ بلڊنگون بہ وڏيون قائم ٿيل آهن جيڪي هڪ دفعو جڙن ٿيون وري سرڪار اُن طرف ڌيان نہ ٿي ڏري. انهن جون ديوارون سال ڏيڍ کان پوءِ پٽ پئجيو وڃن. واش رومن کان ويندي صاف پاڻي تائين جو هجڻ اٽلپ آهي. سرنديءَ وارن جا ٻار تہ سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم پرائڻ ۽ ان ۾ داخل ٿيڻ کي بہ عيب سمجهن ٿا.صاف پاڻي ۽ واش روم ۽ فرنيچر اهو مسئلو اسڪولن ۾ عام آهي. اسان وٽ وسيلن جي کوٽ ڪونهي دل سان ڪم ڪرڻ چاهيون تہ،ملڪ جي درسگاهن ۾ هرسهولت ڏئي غريب طبقي جي ٻارن لاءِ وظيفي ڏيڻ وغيره جو بندوبست ڪري سگهجي ٿو. غريب ٻارن لاءِ هي بہ مسئلو آهي تہ، هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ٻارن کي جيڪي تعليمي بورڊن مان پاس سرٽيفڪيٽ، مارڪس شيٽ ۽ پڪا سرٽيفيڪيٽ ملن ٿا، سي سندن اسڪولن ۽ ڪاليجن مان ملڻ گهرجن، ڇاڪاڻ جو بورڊن ۽ يونيورسٽين ۾ انهن جون ڳريون فِيُون رکيل آهن، جيڪو پورهيت جو ٻار حاصل ڪرڻ ۾، بہ ڏکيائي محسوس ڪري ٿو.حڪومت جو هي قدم بہ، ساراهہ جوڳو آهي جو ٻارهين ڪلاس تائين جي ٻارن جي فيس معاف ڪري ڇڏي آهي. رهيو مسئلو سرٽيفڪيٽس جو اهو مسئلو اسڪولن ۽ ڪاليجن مان حل ڪيو ويندو تہ، ٻار جو پئسو ۽ وقت ٻئي بچي پوندا. سرٽيفڪيٽن جي وٺڻ پويان ٻار جيڪي ڀاڙا ڪرايا ڪري وڃي ٿو، اُتي گهٽي رش هئڻ ڪري ٻار يا سندس والدين بہ بہ

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42



دفعا بورڊن جا چڪر ڪاٽين ٿا ۽ آخرڪار بيزار ٿي ايجنڊن جي رخ چڙهي سرٽيفڪيٽ گهرايو وڃي ٿو. "عام ماڻهن ۾ اهو خيال وينل هوندو آهي ته تعليمي تدريس ۽ سکيا جي ڪاميابي صرف استاد جي شخصيت تي منحصر آهي، چوته تعليم ڏيڻ جو عمل سڌيءَ طرح هن سان ئي وابسته آهي. مگر جيڪڏهن ٿورو غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته تعليم جو مؤثر هئڻ ٻين به ڪيترن ئي ادارن سان واسطو رکي ٿو.... نصابي امتحان فعال نه هوندا ته انهن جو سڌو سنئون اثر تعليم جي معيار تي پوندو!" (عرساڻي، ٢٠١۵: ۵٢)،تعليمي بورڊن کي رڳو هي ذميواري ڏجي ته، اهي رڳو امتحان ڪرائي نتيجو اسڪولن ۽ ڪاليجن کي موڪلي ڏين.منهنجي هي به راءِ آهي ته، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سيمسٽر سسٽم لاڳو ڪيو وڃي ته، اجا به بهتر ٿيندو. هن وقت شاگردن سان ڪيترائي ٻيا مسئلا به آهن، مثال: بورڊ مان مارڪون خريد ڪرڻ جو وڪرو عام ٿيڻ، جيڪو غريب شاگردن کي ويڳاڻپ جو شڪار ڪري رهيو آهي.

"دراصل ٿيڻ ايئن گهرجي ته، اسان پنهنجي پيڙهه مضبوط ڪريون يعني پنهنجو نسل باشعور بڻايون ۽ اسان جو نسل تڏهن باشعور بڻجي سگهندو، جڏهن اُن کي (پنهنجا حق ملندا)، نصابي تعليم سان گڏوگڏ غير نصابي سرگرمين لاءِ اتساهه ملندو رهندو. ٻار جو ذهن ذميورايون سنڀالڻ لاءِ تازو توانو هوندو آهي (ٿورو به اُن کي مايوسي ملي ته هُو ڪومائجي ويندو)، ۽ پوءِ ڪيس وڏيڪ سنائي ۽ صفائيءَ سان چونه اهڙيون سهولتون ۽ مواد مُهيا ڪيو وڃي، ان حوالي سان ڪي فرد ادارا بڻجي پنهنجي حالت آهر ٻارن جي مسئلن ڏانهن ڌيان ڏين." (سولنگي، ٢٠٢٠: ٣٠) ٻارن کي سَنَدُن حاصل ڪرڻ ڪان ويندي درسگاهن ۾ به، وڏا وڏا مسئلا سامهون اچي رهيا آهن. ڪي ٻار اڌ مان اسڪول ڇڏي ٿا وڃن انهن جا مسئلا معلوم ڪرڻ گهرجن. اڪثر ٻارن ڪان ملاقاتن دوران اهڙا سوال جڏهن پڇيا ويا ته، انهن پنهنجون ڪيتريون مجبوريون ٻڌايون ته، انهن سان ڪي يونيورسٽين جا شاگرد ۽ خود ملازمن جا رويا نهايت ئي ڏڪائيندڙ آهن جنهن ڪري انهن پنهنجي پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي يا غربت جو سبب به ٻڌائيندا آهن ته، سندن والدين خرچ برداشت نه ٿا ڪري سگهن جنهن ڪري اچي سندن پيٽ گذر لاءِ مددگار ٿيا آهن.جيڪڏهن ملڪ کي

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

خوشحال ڏسڻ جا خواهشمند آهيون ته، اسان کي پنهنجي نئين نسل جي تعليم ڏانهن ڌيان ڌرڻو پوندو. هڪ استاد جي ناتي سان پنهنجي زندگيءَ جو سفر پرائمري استاد کان شروع ڪندي ڪاليج جي استاد جي هلندڙ سفر تائين ڪڏهن به، پنهنجي فرض کان ڪوتاهي ڪونه ڪئي آهي نه ڪڏهن ڪلاس کان لنوايو آهي ۽، نه وري، ڪڏهن ڊيوٽي کان لنوائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ايمانداريءَ سان نوڪري ڪرڻ ۾ جيڪا روح کي راحت ملندي آهي، سا ڪٿي به نه آهي. منهنجو ضمير پاڻ کان مطمئن آهي، بس اڏموءِ درد تڏهن پيدا ٿيندو آهي، جڏهن معصوم ٻارن کي سخت گرميءَ يا سرديءَ ۾ پورهيو ڪندي ڏسندو آهيان ته، دل چوندي آهي ته، سندس والدين کي مزدوريءَ جا هر مهيني پئسا ڏئي هن ٻار کي اسڪول ۾ داخل ڪرايان پر ايئن ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر هوندو آهي. جنهن کي به جنهن طريقي سان ۽ جيئن جيئن ڏٺو ۽ سمجهيو اثر انهيءَ کي ايئن لکندو ويندو آهيان. "اسٽوري يا فيچر به انساني زندگيءَ جون حقيقي ڪهاڻيون هونديون آهن، فيچر اسٽوري عام زندگيءَ جي مونجهارن کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏئي ٿو، صحافتي دنيا ۾ ڪي اسٽوريون فوري طور مشهور ٿيجنديون آهن، اهي مختلف موضوعن تي ٻڌل اهڙيون ڪهاڻيون هونديون آهن، جيڪي فوري خبر ته نه ٿيجنديون آهن، پر انهن کي خبر جي ڊانچي ۾ وجهي ڏسندڙن ۽ ٻڌندڙن جي دلچسپي لاءِ اُن خبر جي چوڌاري وارين حقيقتن کي گڏ ڪري هڪ روايتي فارمولي تحت مڪمل اسٽوري تيار ڪئي ويجي ٿي." (سولنگي، ٢٠٢٠: ٦) روزاني زندگيءَ جي ڪاروهنوار ۾ ڪيترائي مسئلا آهن، انهن ۾ مکيه مسئلو شاگردن جو آهي ۽ استادن جو آهي ته، انهن کي درسگاهن ۾ روزمره جي زندگيءَ واريون سهُولتون ميسر ڪري ڏنيون وڃن، جنهن کي حل ڪرڻ گهرجي ٻيا مسئلا انهن جي درست تعليم ڏيڻ ۽ ونڻ سان حل ٿي سگهن ٿا. هن وقت، استادن جي پگهارن ۽ پروموشن جا مسئلا سنن آفيسرن جي اچڻ سان حل ٿي رهيا آهن، پر تعليمي ادارن ۾ سهولتُن جي کوٽ آهي.

**ٻارن جا ليکڪ ۽ انهن جو فرض**

دنيا ۾ ٻاراڻي ادب جا هزارين ليکڪ آهن، جيڪي ٻارن جي درست تعليم کان ويندي انهن جي مسئلن تي لکندا آهن. اسان وٽ سنڌي زبان ۾ پلا

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

ليکک موجود آهن، جن کي پنهنجي مادري زبان ۾ ٻاراڻو ادب تخليق ڪرڻ جو وڏو احساس موجود آهي ۽ انهيءَ کان بخوبي واقف آهن تہ، سنڌ جي ٻار کي مادري زبان ۾، تعليم حاصل ڪرڻوارو جذبو ڪيئن پيدا ڪرائجي؟ ۽ هن ئي عمل کي ڏاها نهايت ئي ڪارگر عمل قرار ڏين ٿا. ٻار کي پنهنجي مادري زبان جو ادب اهڙو تيار ڪري پڙهائجي جنهن جي پڙهڻ ۾ ٻار جي دلچسپي وڌندي رهي. سنڌي ادب ۾ جن اديبن ٻاراڻي ادب متعلق قلم کنيو آهي، سي سچي پچي مبارڪن جي مستحق آهن. اُهي لائق احترام ليکڪ آهن جن جي تخليقن تي تمام گهڻي دل چوندي آهي، تہ سيمينار ڪرائجن ۽ بحث مباحثا ڪجن ۽ اخبارن ۽ رسالن ۾ لکي تن کي ماڻُ ڏجي، جن مستقبل جي معمارن کي سهڻيون ڪهاڻيون، آکاڻيون، نظم، بيت، حمد ۽ نعتون لکي علم جي لاٽ کي روشن رکڻ لاءِ وڏا جتن ڪيا آهن.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لفظ ادب بابت لکي ٿو تہ: "ساهت يا ادب آهي ٻولي وسيلي انسان جي امنگن ۽ ويچارن جو سهڻي نموني ويچار." (جيٽلي، ٢٠٠٤: ١٣)ٻار جمڻ سان گڏ پنهنجي هڪ نئين دنيا ڪٽي ايندو آهي ۽ معاشري ۾ سندس ننڍڙا ۽ ڪچا ڪچا ٻول اڳتي هلي پڪي عادت ۽ سکيا سان دلچسپيءَ جو سامان مهيا ڪندا آهن. ننڍن ٻارن کي پنهنجي وڏڙن کان جيڪي آکاڻيون ۽ سبق ڏنا ويندا تن جي اثرات ۾ نئين دنيا جو شعور حاصل ڪندو آهي. مرزا گل حسن '**احسن**' مرزا قليچ بيگ بابت لکي ٿو تہ: "اسڪول وڃڻ کان پوءِ ... ننڍي هوندي ڳجهارتن ۽ پرولين... بيت بازي گهڻي هوندي هئي جنهن ۾ ادو ميرزا علي قلي بيگ ۽ آءُ هوشيار هوندا هئاسين. پڙهڻ سا گڏ ٻيا هنر بہ سکندا هئاسين. بابا مرحوم ڳائڻ وڄائڻ ڄاڻندو هو. اسان سڀني کي بہ اهو شوق هوندو هو. ننڍي هوندي آئون ۽ ادو علي قلي بيگ سرندائي کي پئسا ڏيئي سرندو وڄائڻ سکندا هئا سين. وڏي هوندي ادو ميرزاصادق علي بيگ جڏهن شڪارپور ۾ هوندو هو تڏهن احمد خان گوَيو پڳهار تي رکي انهيءَ کان ستار وڄائڻ سکندو هو، پوءِ اسين بہ سکيا سين." (مرزا، ١٩٩١: ٤١)
اڄ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي سوچ ويچار ۽ ڪمن ۾ تبديليونتبديليون اچي رهيون آهن. سائنس، فلسفي، عقل، علم، دماغ، قلم، قرطاس کان ويندي ڪتابن جي جوڙجڪ ۽ ظاهري نظر سان هن ڪائنات کي

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

سائنسدان سمجهڻ گهرن ٿا. اُتي اسان جي اديبن به کي تبديليون محسوس ڪيون آهن.

سنڌي ادبي بورڊ ٻارن جي مشهور ليکڪ غلام محمد **’غازي‘** جو ٻاراڻي ادب تي **’سائنسبخشي سونهن‘** جي عنوان سان ١٩٧٧ع ۾ هڪ ڪتاب شايع ڪيو هو. اول حمد (تنهنجا رنگ نيارا) تنهن کان پوءِ جيڪي عنوان رکيل آهن تن مان سمجهي سگهجي ٿو ته، اسان جي اديبن اهي تبديليون محسوس ڪيون ۽ ٻاراڻي ادب لاءِ هينين عنوانن جي چونڊ ڪري ڪتاب لکيو:

نعمت، سائنس، ڪائنات، ڌرتي، سج، چنڊ، تارا، روشني، چانڊاڻ، گرمي، سردي گرم هوا، پاڻي، ٻاڦ، وچ، انڊلٺ، حياتي، وڻ، ٻوٽا، گل، انسان، ڪاڏو، تنتون، مغز، دل، ڦڦڙ، ڪن، آواز، زور، ماکي، هاٿي، ڏيڏر، مادو، ائٽم، لوهه، ٽامو، بجلي، چقمق، حرڪت، روبوٽ، موٽر ڪار، ڪمپيوٽر، واچ، پينسل، ٻڙي، ڪالرا ۽ مليريا بابت معلوم ڏني وئي آهي.جيڪڏهن اسان پنهنجي ننڍن ٻارن ۾ سائنس جي علم جو شوق ڏياريندا سين ته هُو وڏي هوندي، انهيءَ علم ۾ اڳتي وک وڌائيندا. هي ظاهر ۾ ننڍو ڪتاب آهي پر جيڪا هن ۾ شاعري شامل ڪيل آهي سا نهايت ئي دلچسپ ۽ معلومات افزا آهي موضوعن ۾ ٻارن لاءِ جيڪو سامان مهيا ڪيو ويو آهي سو پڙهي ڏسي ٻارن ۾ سائنس سکڻ جو شوق پيدا ٿيندو.

مذڪوره ڪتاب ۾ مصنف تمام سهڻي انداز سان موضوعن سان نباهيو آهي ۽ ان ۾ سندس محنت ۽ قابليت کي داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي ٿو. وڏيءَ محنت ۽ محبت سان لکيل ڪتاب کي هرڪو ڏسي ايئن چوندو هي ڪم هر طرح تحسين جو لائق آهي. اسان هت هيٺ سندس ڪلام جو نمونو ڏئي رهيا آهيون:

**سائنس**

ســائنـــس سکـــنـــدو جي؛کـــو ٻار،
اُن جـــو تـــيـــــنـــدو نـــامـــاچـــار.

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42
ماخذ تحقیقی مجلہ

سائنس جڳ کي بخشي سونهن،
سائنس سان تي ونڊر ورونهن.

سائنس سان سڀ سهنج ملن ٿا،
سائنس سان رنگ رُوپ رَچن ٿا.

سائنسدانن جي آ جوڙ،
ٽيليويزن، ريڊيا ڪوڙ.

سائيڪل ٽوڙي موٽر ڪار،
هردم پنهنجي لئہ تيار.

ڏسو ٻٽڻ هُو چا تہ ڪري ٿو!
بلب ڏسو ڪيئن ٻري ٿو.

سائنس مان سَهَنج وڏا آهِن،
ٿورا لاهڻ جهڙا ناهن.

اهڙيءَ طرح سچ بابت هڪ نظم پڻ لکيو ويو آهي جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

سچ

ڪير ٻڌائيندو هي چاهي،
ٻرندڙ گئس جو گولو آهي.

ڌرتي واريءَ داڻي جهڙي،
يوڳ نہ سمجهو آهي اهڙي!

ڳالهہ ڳجهي هت رهي نٿي ڪا،
سورج پي هڪ بال جيان آ.

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

اونـــــدهہ انـــدوکار رهي ها،
هرشيءِ ۾ ماتـــار رهـــي هـــــا.

ســـج تـــو هـــر ڪا پوک پچائي،
ســـــورج جا ڳڻ هـر ڪـو ڳـائي.

ســـج چــــڏي هر شيءِ چمڪائي،
ســـج چــڏيو سنسار سـجـــائي.

سـج پــچ ’**غازي**‘ اُپ جـا تـــارا،
ســــورج وانـــگر آهـــن سارا.

اهڙيءَ طرح ٻين شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن ٻارن لاءِ دلچسپ نوع ۾ تحريرون لکي انهن جي ذوق ۽ شوق کي پڻ اياريو آهي، اها ئي شاعري ۽ ڪهاڻيون ٻارن جي اندر ۾ اهڙو جوش پيدا ڪيو جو اڳتي هلي هُو پاڻ به، وڏا وڏا شاعر ۽ اديب پيدا ٿيا آهن.

مراد علي مرزا ٻارن لاءِ هڪ ڪتاب ”**ٻارن لاءِ آڪاڻيون**“ لکيو آهي جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ پهريون دفعو سال ١٩٧٧ع ۾ شايع ڪيو ۽ ٻيو ڇاپو سن ١٩٩٤ع ۾ اشاعت هيٺ آيو آهي. هي سمورو ڪتاب هڪ سؤ ايڪيهه صفحن تي مشتمل آهي.

مذڪوره ڪتاب ۾ ڪل اوڻٽيهه ئي آڪاڻيون ڏنل آهن جن کي دنيا جي مختلف ملڪن جي ڪهاڻين مان چونڊ ڪري پيش ڪيو ويو آهي، سي دنيا جي جدا جدا ملڪن جون آهن، جيڪي انهن ملڪن جي شروعاتي حرفن سان الف- بي وار ترتيب سان ڏنل آهن. يعني، پهرين آڪاڻي آسٽريليا ملڪ جي آهي، ٻي آڪاڻي اڪوئڊور جي، ٽين آڪاڻي انڊونيشيا جي ۽ اهڙيءَ طرح پوءِ ب حرف سان شروع ٿيندڙ ملڪ جي، پ حرف سان شروع ٿيندڙ ملڪ جي ۽ آخر ۾ ي حرف سان شروع ٿيندڙ ملڪ جي آڪاڻي آهي.

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42



سنڌي زبان ۾ انهن آکاڻين کي مصنف انهيءَ ڪري ترجمو ڪري پيش ڪيو آهي جو جيئن اسان جا ٻار ٻه دنيا جي ڪاروهنوار ۽ سوچ ويچار کان استفادو حاصل ڪن، چاڪاڻ جو اِها آکاڻين جي چوندان ڪري ڪئي وئي آهي جو اُهي آکاڻيون مختلف ملڪن جي ٻاراڻي ادب ۾ مقبوليت حاصل ڪري چڪيون آهن ۽ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ انهن جي مقبوليت جي ڪري ترجمو ٿي چڪيون آهن. اهڙي قسم جون آکاڻيون جيڪڏهن گڏ ڪجن ته لکن جي تعداد ۾ ٿين. رڳو اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ ٻارڙن لاءِ هزارين آکاڻيون آهن. پر هن ڪتاب ۾ ٻاهرين ملڪن جون آکاڻيون ان ڪري شامل ڪيون ويون آهن جو اسان کي دنيا جي ٻاراڻي ادب کان ڀرپور فائدو وٺڻ گهرجي. مراد ماڻڻ ۽ مقصد حاصل ڪان سواءِ هر ڪا ڳالهه، هر ڪو ڪم اجايو ۽ بيڪار آهي. اهڙيءَ ريت اوهان ڏسندؤ ته انهن آکاڻين ۾ وندر سان گڏوگڏ نصيحت ٻه آهي. البت هر هڪ آکاڻيءَ جو موضوع جدا جدا آهي يا هڪ ئي موضوع تي اوهان کي ٻه يا ٻن کان وڌيڪ آکاڻيون ملي ويندين. جيتوڻيڪ منجهن ڳالهه جدا جدا آهي: (**مترجم طرفان ٻه اکر**) مثال طور 'ارڙ نانگ جي زهر جي ٿيلهي'، 'پنج آنا'، 'جهنگلي هرڻ ۽ چُن جو ڪورو'،بادشاهه ۽ پادر'، 'چرندڙ سئي'، 'هرڻ ۽ واگهه'،'چار نوجوان'،'شوروي جو پٽر'، 'بادشاهه ۽ هاري'،'طوطو انسان جي ٻولي چو ٿو ڳالهائي'،'بادشاهه جي نصيحت'، جادوءَ جو تعويذ'،'ناسپاتيءَ جو وڻ'، 'نانگ ۽ خواب'،'سپاهي ۽ جن'،'ماني ۽ لوڻ'،'اڻٽيڻي'،'بغداد جو خليفو'،'باندر ڪچون ۽ وڻ'،'هاري ۽ سوار'،'ڍڳيءَ جي زبان'،'تيسر زال'،'چاچا ڪويوٽي'،'بهادر ڪنيار'،'آزاد گهوڙو ۽ 'پوڙهو ۽ مڪتب'مطلب ته اُوڻٽيهه ئي ڪهاڻيون نصيحت ڀريون آهن. مترجم مراد علي ٻه اکر ۾ لکي ٿوته: ”جڏهن اسان مذڪوره ڪهاڻين جو مطالعو ڪريون ٿا ته، انهن ڪهاڻين جي ڪردارن مان هاري' ۽ 'ڍڳيءَ جي زبان' آکاڻين جو موضوع 'عقلمندي ۽ حاضر جوابي' آگهي، 'پٽر جو شوروو' جو موضوع 'ڳوٺاڻن جي سادگي ۽ شهرين جي حرفت' آهي، 'بادشاهه جي نصيحت' جو موضوع ٻُڌي ۽ ڦوت آهي، 'جادوءَ جو تعويذ' آکاڻي جو موضوع 'سچي خوشي' آهي، 'نانگ ۽ خواب' جو موضوع 'بي ايماني ۽ ايمانداري' آهي، 'سپاهي ۽ جن' جو موضوع 'اٽڪل ۽ بهادري' آهي، 'ماني ۽ لوڻ' جو موضوع

ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

’بغض ۽ حسد‘ آهي، ’هاري ۽ سوار‘ جو موضوع ’غرور ۽ تڪبر‘ آهي، ’تيسر زال‘ جو موضوع ’ضد ۽ تيسو‘ آهي، ’آزاد گهوڙو‘ جو موضوع ’بيپرواهي‘ آهي ۽ آخري آکاڻي ’پوڙهو ۽ مڪتب‘ جو موضوع ’لالچ‘ آهي.“

جيڪڏهن انهن ڳالهين کي تحقيق جي نظر سان ڏسون ٿا ته، اهي آکاڻيون پراڻي زماني جون معلوم ٿين ٿيون، پر انهن جا موضوع اڄ به دلچسپ ۽ وڻندڙ ۽ نوان آهن، ڇاڪاڻ جو اڄوڪي زماني ۾ به، انهن ماڻهن ۾ ڪي خوبيون ۽ خاميون بئي انهن آکاڻين مان نظر اچن ٿيون. ٻاراڻي ادب جو بنيادي مقصد هي آهي ته، انهيءَ ادب جي ذريعي ٻار پاڻ مان وڏا ٿي اهي خاميون ختم ڪن ۽ سٺين ڳالهين جي چونڊڪرڻ ۾ اڳيرا ٿين. تنهن ڪري هنن آکاڻين جي پڙهڻ سان نه رڳو ٻارن کي وندر ملي ٿي پر سندسن ذهني تربيت به ٿي رهي آهي.

سنڌ ۾ ٻارن جي ادب بابت تمام ٿورا لکندڙ آهن. هتي آئون هڪ استاد محترم سرمد عباسيءَ جو ذڪر ڪندس جيڪو پاڻ سنڌ جي نامياري ڪهاڻيڪار نجم عباسيءَ جو ڀاڻيجو آهن، جن جون ڪهاڻيون ڏاڍي شوق سان پڙهندو آهيان، سندس ڪهاڻين ۾ ٻارن لاءِ وڏيون نصيحتون شامل ڪيل هونديون آهن. سائين سرمد مون کي هڪ نفسيات جو ماهر استاد نظر ايندو آهي. هُو ٻارن جي ڪردارن ۾ لهي سندن نفسياتي ڪيفيتن کي سمجهي پوءِ لکندو آهي، جنهن ۾ ٻارن جون حرڪتون، شرارتون ۽ آخر ۾ انهن جا نتيجا ڏاڍا اثر ائتا ڪيندو آهي. استاد سرمد عباسي اُهي ڪهاڻيون ٻارن کي زباني ضرور ٻڌائيندو ۽ پڙهائيندو هوندو! ٻار جڏهن وڏا ٿيندا ته، انهن مان ڪي ليکڪ ضرور ٿيندا.جيئن ته ٻاراڻي ادب جو مشهور ڪهاڻيڪار ۽ شاعر وحيد محسن لکي ٿو ته:”مان جڏهن پرائمري اسڪول ۾ پڙهندو هيس اُن وقت سنڌي ڪتابن ۾ رسيلا نظم ۽ گيت شامل هوندا هئا، انهن کي اسان سيئي شاگرد گڏجي سُر ۾ پڙهندا هئا سين ته، اسان کي ان جي چاشنيءَ مان لُطف ملندو رهيو، اهڙي طرح اهي نظم ۽ گيت اڄ به اسان کي ياد آهن. شايد ڪڏهن به نه وسرن!“ (وحيد، ۲۰۱۷: ۷)، وحيد محسن جي **’ٻالڪ ڏرتيءَ ٽانڊاٽا‘** ڪتاب ۾ به حمد، هڪ نعت ۽ ٻين عنوانن ۾ شاهه پٽائي، ٽانڊاٽا، سنڌي ٻولي، خواب، گُڏڙو گُڏڙي، روشن تارا، ڪاپي ڪلچر، پوپٽ، عيد مبارڪ، ٽيليويزن، وطن جا راٽا،

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42
ماخذ تحقیقی مجلہ

اُپ تي تارا، اُستاد، روئي جيجل تي، ميلا آهن هتڙي، ڏاها ٿيندا، مستقبل جا معمار، محنت، ٻاراسان جا مور، سکر شهر، بادل، جوت، چوڏيل، سائيڪل، لغڙ، اسڪول، جاڳئي پئو، سنڌ سونهاري، طوطو، عِلمُ پرايون، لولي، ڏرتي، منڙي ٻولي، **چوسٽا**:جاڳو، ڪلن تا، ڄيءَ جيارا، معصوم، ڦاٽل چولا، راند ۽ سنڌي الفابيٽ تي ٽيڙو پٽي جهڙا اهم موضوع شامل آهن. هي سمورو ڪتاب ٨٠ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ خوبصورت تصويرون رکيل آهن. هي ڪتابُ هيڪر ٻار جي هٿ ۾ ايندو تہ هُو هن ڪتاب ۾ دلچسپي ضرور وٺندو، ڇاڪاڻ جو ٻارن کي تصويرون وڻنديون آهن. ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي فيض سومرو لکي ٿو تہ:”وحيد محسن هڪ سچو، سيبتو ۽ ٻارن جو پيارو شاعر آهي، سندس ٻاراڻي شاعري نهايت نفيس، نازڪ ۽ نئين نکور آهي. هن جي ٻارن سان تمام گهڻي محبت آهي، جيڪا سندس شاعريءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿي.“ مون جڏهن ’**ٻالڪ ڌرتيءَ ٽانڊاٽا**‘ جو مطالعو ڪيو تہ، سندس شاعريءَ مان گلڙن جي باغيچي واري سرهاڻ محسوس ٿي. اسان پنهنجي ٻارن جي ذهنن کي تعمير ڪندڙ ليکڪن کي ڪيئن ٿا وساري سگهون ۽ نہ ڪي پنهنجي محققن جي قلمي پورهئي کي فراموش ڪري سگهون ٿا. هت هيٺ اسان هڪ ڪاهوڙي ليکڪ خالد آزاد صاحب جيسنڌيءَ زبان ۾ ٻاراڻي ادب جي تاريخ کي ٽن جلد ۾، پيش ڪيل تحقيقي ڪم جو مختصر تعارف پيش ڪريون ٿا. خالد آزاد وڏي محنت ۽ محبت سان ٻاراڻي ادب بابت جيڪو تحقيقي ڪم ڪيو آهي، سو ساراه جوڳو قدم آهي.’**سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ**‘ جلد پهريون:ٻہ سؤ سترهن صفحن جو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾، ڪل ڇهہ باب رکيل آهن: باب پهرين جو عنوان آهي: ’آوائلي آکاڻين، درسي ڪتابن ۽ ترجمن جو دور: **باب ٻيو**: قصن ڪهاڻين ۽ ٻاراڻن گيتن جو دور (١٩٢٠ _ ١٩۴٧ع)، هن عنوان هيٺ ٻارن بابت ڇپيل ڪتابن جو جائزو ورتو ويو آهي ۽ هن دور ۾ ٻارن لاءِ لکندڙ آوائلي ليکڪن جو احوال ڏنو ويو آهي.**باب ٽيون**: ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن جو ادب (ڪهاڻيون، شاعري ۽ ناول)،**باب چوٿون**: ورهاڱي کان پوءِ ٻارن لاءِ لکندڙ شاعر ۽ اديب.**باب پنجون**: ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ سنڌي ٻاراڻو ادب (١٩۴٧ _ ٢٠١۵ع تائين، اهڙي طرح مذڪوره جلد جي **ڇهين** ۽ آخري باب جو عنوان آهي: هندستان ۾ ٻارن جو ادب سرجيندڙ ليکڪ ۽ شاعر.

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

**خالد** آزاد رقم ٿو ڪري ته: ”هن جلد ۾ شامل ڪتابن جو تفصيل هٿ ڪرڻ لاءِ مون گهڻي ڀاڱي مختلف لائبريرين ۾ وڃي انگ اکر گڏ ڪيا. گهڻو مواد ماهوار **’گل ڦل‘** ۽ **’سنڌي ٻارڙا‘**پبليڪيشن جي مختلف پرچن مان مليو، جن جا مون مڪمل سيٽ هٿ ڪري رکيا آهن، جڏهن ته مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل خبرن ۽ ٻي معلومات کي آڏو رکي پڻ فيلڊ ورڪ ڪيو، جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي ڪاميابي حاصل ٿي.“ (خالد، ٢٠١٦: پنهنجي پاران)،اهڙي طرح مذڪوره عنوان جو **جلد ٻيو**: ٻه سؤ ائن صفحن تي مشتمل آهي، جيڪو پنجن بابن ۾ هن ريت رکيل آهي. **باب پهريون**:ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيل ٻارن جا رسالا (١٩١۴ _ ١٩۴٧ع) ١. ٻارن لاءِ ڇپيل رسالا ٢. رسالن جو تفصيل. **باب ٻيو**: ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ شايع ٿيل رسالا ۽ ڪتابي سلسلا (١٩۴٧ _ ٢٠١٦ع) **الف**: رهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ شايع ٿيل رسالن جو تحقيقي جائزو ٢. رسالن جو تفصيل **(ب)سَرِي** هيٺ: ٻارن جي رسالن جي سهاري هيٺ هلندڙ تنظيمون: ١. تنظيمن جو تفصيل. **باب ٽيون**: ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ شايع ٿيل ڪتابي سلسلا ( ١٩٨٧ _ ١٩٩٠ع) ١. ڪتابن سلسلن جو تحقيقي جائزو ٢. ڪتابي سلسلن جو تفصيل. **باب چوٿون**: ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ شايع ٿيل ٻارن جا رسالا: (١٩۴٨ _ ٢٠١٢ع)، ١. ٻارن جي رسالن جو تحقيقي جائزو ٢. رسالن جو تفصيل. هن جلد جو آخري يعني **باب پنجون**: جو عنوان آهي: رسالن جا ايڊيٽر _ چيف ايڊيٽر ۽ ڪتابي سلسلن جا سهيڙيندڙ:**’سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ**‘ هي سمورو جلد ٻه سؤ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ڪل نوَ باب رکيل آهن، جنهن جو تفصيل آهي: **باب پهريون**: ٻارن جون خالص علمي، ادبي تنظيمون (١٩٢٣ _ ٢٠١۵) هن باب ۾، ٻارن جي خالص ادبي ۽ علمي تنظيمن جو تحقيقي جائزو ۽ ٻارن جي علمي ادبي تنظيمن جو تعارف پيش ڪيو ويو آهي. **باب ٻيو**: اخبارن جا هفتيوار ٻاراڻا صفحا ۽ انهن سان لاڳاپيل تنظيمون (١٩۵٨ _ ١٩٩٩ع) تائين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. **باب ٽيون**: سنڌي اخبارن جا هفتيوار ٻاراڻا ادبي صفحا ۽ انهن جو تحقيقي جائزو ورتو ويو آهي. **بابچوٿون**: اخبارن جي ٻاراڻن صفحن جا انچارج ۽ تنظيمن جا مشهور اڳواڻ. **باب پنجون**: سياسي پارٽين جي نگرانيءَ هيٺ هلندڙ ٻارن جون تنظيمون ۽ ذيلي تنظيمن جو تفصيل ڏنو ويو آهي (١٩٧٣ _ ٢٠١٣ع). **باب ڇهون**: تنظيمن

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

جا مشهور يارهن اڳواڻ. **باب ستون**: ناٽڪ منڊليون، اسٽيج ۽ ريڊيائي ناٽڪ، ٽيبلوز ۽ خاڪا جائزي هيٺ اندا ويا آهن.**باب اٺون**: ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ شايع ٿيل پارن جا اخباري صفحا ۽ اخباري صفحن جو جائزو ۽ تفصيل بيان ڪيو ويو آهي. مذڪوره جلد ٽئين جو آخري **باب نائون**: جنهن ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي پروگرامن بابت ذڪر ڪيو ويو آهي. محقق ڪي وڏي جس آهي، جنهن محنت ڪري ايتري ساري علمي ذخيري کي گڏ ڪري ٽن جلدن جي صورت ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ پاران شايع ڪري ڇپرايا آهن. اهڙي طرح ڀارن جي ادب بابت هند ۽ سنڌ ۾ وڏا ويچار سيمينار، ڪانفرنسون ۽ مهورتون ڪيون ويون آهن:

سميلين جو مهورت

اکل ڀارت سنڌي ساهت جو مهورت ڀڌر ۲۴ ڊسمبر ۱۹۵۸ع تي، بمبئيءَ يونيورسٽيءَ جي باغ ۾، ڀارتي سپيتڪ ۽ وگيانتڪ ڪوجنا و ڀاڳ جي وزير، ديس پرديس مشهور بنگالي ۽ انگريزي ليکڪ، پروفيسر همايون ڪبير ڪيو. پروفيسر ڪبير، مادري ٻوليءَ جي ويا ڪيا ڪندي، سنڌين جي علم ۽ عقل، تهذيب ۽ تمدن جي خوب تعريف ڪئي. هن ديس، ڪنڊ ۽ سنسار جي ادبي توڙي سياسي زندگيءَ تي ڇاپ لڳائڻ جو هڪ صحيح طريقو ٻڌايو. هن چيو:"دنيا ۾ گهٽائيءَ وارن کي اڪثر ڪوبه لهر يا لوڏو نه رهندو آهي. ٿورائيءَ وارا انهن مثان صرف تڏهن ڇانئبا آهن، جڏهن اهي انداز(quantity) کان وڌيڪ، گڻ (quality) تي زور ڏيندا آهن- اهي تخليقي توڙي کوجناتمڪ ڳالهين ۾ اڳري رهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سنڌي ليکڪن کي به کپي ته هو اوچي معيار وارو ساهت پيدا ڪري، پنهنجي ٻوليءَ ۽ تهذيب جو وڪاس ڪن، ۽ ائين ٻين ٻولين ۽ تهذيبن تي به پنهنجو رنگ چاڙهين.“ انهيءَ نشست ۾ مختلف نهراءُ پيش ڪيا ويا:

**ٽيون نهراءُ**

هن نهراءَ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌي ٻار ننڍي هوندي کان سنڌيءَ ۾ تعليم وٺن، ان لاءِ ٻال- مندر ۽ لئبررين کوليون وڃن.

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

ماخذ تحقیقی مجلہ

**چوٿون نهراءُ**

هن ۾ سنڌي عوام کي اپيل ڪيل آهي تہ هو پنهنجن ٻارن کي سنڌي ٻولي سيکارين، جيئن هو پنهنجي مادري زبان ۾ ڳالهائي سگهن. (تماهي 'مهراڻ' نمبر ١، سال ١٩٥٩ع) اسان جي محققن ٻارن جي هرهڪ چرپر تي نگاهہ وڌي آهي، جيئن ٻار رانديون ڪن ٿا، تن جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي.

**ٻارن جون رانديون**

ٻاراڻي وحي چا چئجي! نہ ڳڻتي نہ ڳاري ۽ نہ عشق نہ گهاري! آندي نيندي جي ڪل ئي ڪانہ، چا آيو چا ويو، باقي چا آهي، تنهن سان هنن جو ڪو سروڪار نہ آهي. سندن دنيا ئي نرالي آهي. رڳو پنهنجي ۾ پورا پنهنجي منهن وتن يل گهمندا ۽ هڪجيڏن سرتن ۽ سرتين سان گڏ کيڏندا. هم جنس يا هم جنس پرواز جي مثال ڇوڪرا ڇوڪرن سان ۽ ڇوڪريون ڇوڪرين سان، پنهنجو منڊل مچائيندا. سندن سمجھ سادي سودي تہ ٻولي بہ ساڌا نہ لفظ جي معنيٰ جي خبر، نہ وري تلفظ جي جيڪي اچين سو وجن ٽُڪون ٽُڪَن ۾ ملائيندا، لفظ جو ربط ۽ معنيٰ جو ضبط نهي نہ نهي، تہ بہ وٺ رينگٿ ڪي!هو انهيءَ ۾ خوش تہ سندن ٻول راندين کي وڌيڪ رونق بخشين ٿا." (سنديلو، ٢٠١٦: ٣٤١) ٻارن جي ننڍپڻ واري زندگي عجيب هوندي آهي شهر ۽ ڳوٺن جي ماحول ۾ بہ وڏو فرق هوندو آهي. ڳوٺن جو ماحول ۽ رنگ پنهنجو ۽ شهرن جو پنهنجو هوندو آهي.مختلف ماحول ڪري ڳوٺن جي ٻارن ۾ راند روند ۽ مٿيءَ مان رانديڪا ناهڻ ۽ انهن سان کيڏڻ وغيره. جڏهن تہ شهرن جي والدين ۽ ماحول جو فرق آهي. "ٻارڙن جو لب ولهجو ۽ طور طريقو ئي پنهنجو مطلب تہ سندن محاورا بہ پنهنجا استعمال بہ پنهنجو ڪنهن سان دوستي يا ياراڻي رکڻ چاهيندا تہ ان جي سڄي چيچ پنهنجي چيچ ۾ ملائي هي ٻول ٻوليندا '**ٻارَي ۾ مِنائِي تو مان ياري ڦٽائي**' يا چوندا '**جئي منهنجي ٻڦي تو سان آهي اُڦي**' بس پوءِ اڍائي گهرن جو خير! نہ سلام نہ ڪلام، سڏ نہ سلو، نہ اچ نہ وڃ، نہ ڏڪ نہ ڏوراپو، نہ معيار نہ مهٽو! مِنِي بہ ماٺ مُنِي بہ ماٺ. ڪڏهن بہ دشمنيءَ واري اڪ نہ رکندا ۽ نہ وري ڪٽندا، ۽ نہ ٻئي لائي چائي ڪندا، پر سندن اُها اَف يا اُفِي گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نہ سگهندي. ڏينهن اڌ ڪان پوءِ ساڳيا لاٿون ساڳيا چُگهہ، اها ئي ڪِل خوشي اهي ئي نينگ ٽپا." (سنديلو،

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

٢٠١٦: ٣٤٢) مطلب تہ موقعي آهر ٻول بہ هوندا، جي پنهنجي پر ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. انهن ٻولن کي مختلف قسمن جي پيش نظر هيٺيُن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

**ٻول**

دُعائيہ ٻول | راند جا ٻول | سوال جواب جا ٻول | ڳالھ (ڪهاڻي) جا ٻول

**دُعائيہ ٻول**: جيڪڏهن ڏسندا تہ جهڙالو آهي تہ خوشيءَ وچان چوندا:

أڪرِيءَ ۾ ڪڪڙو
مِينهن آيــو تڪڙو.

جڏهن گهٽي وس ٿيندي ٻار ڪڪ ٿي پوندا تڏهن وري چوندا:

چرخــي ۾ چمـــٽِي
مِينهن ويو موٽي.

**راند جا ٻول**: جنهن ۾، **'ارچڪ مرچڪ'** راند ايسي موري، ٿڪلا راند.

**سوال جواب جا ٻول:**

هن راند ۾ هڪ ٻار ٻئي ٻار کان سوال ڪندو رهندو ۽ هو وري ٺهه پهه جواب ڏيندو رهندو. هيءَ راند خصوصاً سياري ۾ رات جو ڪنداآهن. پنج ڇهه ٻارڙا ڪُنرِي ڪري ويهندا، جن جا هٿ چولي اندران هوندا تہ جيئن گرم رهن، هڪ ٻار جنهن جو هٿ چولي اندر نہ هوندو، ويٺل ٻارن مان هڪ کان هيٺينءَ ريت سوال ڪندو رهندو:

س: رات ڪير آيا هئا؟
ج: مامڙا
س: مامڙن جا آندو؟
ج: ٿالهي وٽو
س: ٿالهي وٽي ۾ جا هو؟
ج: تيل ميٿ
س: تيل ميٿ ۾ ڇاهو؟
ج: ڦِٽي

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

س: ڦٽيءَ ۾ ڇاهو؟
ج: وار
س: وار ۾ ڇاهو؟
ج: جونءِ
س: جونءِ ۾ ڇاهو؟
ج: ليک
س: لِيک ۾ ڇاهو؟
ج: ڄَئِي

(پوءِ سوال ڪندڙ ان ٻار کي چوندو، **پيڃاءِ سسٽي جي ٽئِي**. مون کي ڪوسڙا ڪوسڙا هٿڙا ڏيکار.“ پوءِ وينل ٻارن مان هرهڪ ڪوسا ڪوسا هٿڙا ڏيکاريندو. جنهن جا پورا ڪوسا هٿڙا نہ هوندا، تنهن کي هوريان هوريان ٺڦڙِي هٽي چوندو: هٿڙا ڪوسڙا ڪوسڙا نہ آهن. اهڙيءَ طرح هڪ ٻار واري وٽيءَ سان سوال ڪندو رهندو تہ، جيئن سڀيءَ ٽولِيءَ کي وارو ملي وڃي. هن راند مان ٻارن جي فائدي واري ڳالهہ نڪري ٿي تہ: ساري بدن کي گرم رکڻ ضروري آهي.“ (سنديلو، ٢٠١٦: ٣٤٧، ٣٤٨) اهڙي طرح ننڍن ٻارن وٽ پنهنجي دنيا ۾ پنهنجو پنهنجو علائقو پنهنجون ريتون ۽ رانديون الڳ الڳ آهن جيڪي سنڌي ٻوليءَ جا ٻول آهن مثال: **جهرڪيءَ جي ڳالهہ، ٻگهڙ جي ڳالهہ، ٻولو پولو ڪڪڙ** وغيره وغيره.

**نتيجو**: مذڪوره تحقيق مان جيڪو نتيجو آڏو آيو آهي تہ، سنڌي ٻولي هڪ قديم آهي، جيڪا هر دور ۾ علمي ادبي حيثيت سان نروار ٿيندي رهي آهي. تنهنڪري انهيءَ جو هڪ منفرد پهلو ٻاراڻي ادب وارو، ڏاڍو مالدار، وسيع علم ادب تي مشتمل هئڻ ڪري، سائنسي توڙي ديني ادب جا گوشا نروار ٿيندا رهيا آهن.

حوالا

١. پنهور، غزالہ (ڊاڪٽر)، ٢٠٢١: _عورتن جي جاڳرتا جي تاريخ _ (پي _ايڇ _ ڊي لاءِ پيش ڪيل تحقيقي مقالو)، مهاڳ: جوڻيجو، تنوير:

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 1, (Jan to March 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-I)urdu-42

”**عورتن جي سجاڳيءَ جي لهر**“، ڇاپو پهريون: پيڪاڪ، پبلشرس، ڪراچي، سنڌ.

٢. عرساڻي، شمس الدين، (ڊاڪٽر)، ٢٠١٥: ـ ثقافت ۽ انساني معاشري جي اوسر ـ ڇاپو پهريون: اوسر اشاعتاڻو، حيدرآباد.

٣. سولنگي، غلام مصطفيٰ، ٢٠٢٠: ـ ادارن جو آئينو ـ (ٽي وي اسڪرپٽ)، ڇاپو پهريون: سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد.

۴. جيٽلي، مرليڌر، ٢٠٠٤: ـ سنڌي ٻوليءَ جا محاورا ـ هڪ اڀياس ـ (ڇاپو ٻيو)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.

۵. مرزا، گل حسن ’**احسن**‘، ١٩٩١: ”شمس العلماء مرزا قليچ بيگ“، ماهوار ’نئين زندگي‘شمس العلماء مرزا قليچ بيگ (خاص نمبر)،جولاءِ، نگران: علي محمد چنه، جلد ٤٤، نمبر٧، محڪمه اطلاعات ونشريات حڪومت پاڪستان جو ادبي رسالو، حيدرآباد.

٦. وحيد، محسن، ٢٠١٧: ـ ٻالڪ ڌرتيءَ ٽانڊاڻا ـ (ٻارن لاءِ شاعري)، ڇاپو پهريون: ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ اڪيڊمي، شڪارپور.

٧. خالد، آزاد، ٢٠١٦: ـ سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ ـ جلد پهريون: (ڇاپو پهريون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ.

٨. سنديلو، عبدالڪريم،(ڊاڪٽر)، ٢٠١٦: ـ لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو ـ (ڇاپو پهريون)،پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرز، ڪراچي.